


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مورن اُوچا ڳاٽ

هائيڪا ۽ تہ ستا

## طارق عالم

مهاڳ:

**نصير مرزا**

ٽائيٽل

عظميٰ ڪاظمي

هالار پبلشرز
474 صدر حيدرآباد
سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپيمر:

سائين، نثار احمد نوراني

۽

سائين سرجن اديب الحسن رضوي کي

(جن جي شفقتن ۽ محبتن سبب اڄ نہ فقط جيئرو آهيان. بلڪ هڪ ٻُٽَ جو پيءُ بہ آهيان، ۽ هِنَ ڪتاب جو سرجيندڙ بہ.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بھريون ڇاپو: فيبروري 1990

ڪاپي رائيٽ هالار پبلشرس



سڀ حق واسطا محفوظ



سنڌي ادبي بورڊ آفسيٽ پرنٽنگ پريس ڄامشورو سنڌ.


MORAN UCHA GATT

(Head and Shoulders above the Rest)

A Poetry in Sindhi

by

TARIQ ALAM


Halar Publishers

474 Saddar, Hyderabad Sindh,

Pakistan.

**Rs: 35**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

● نصير مرزا

# پکيءَ ڏنو پڙڪو

دروازو ٽوڙڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. ڪنجي جي ذريعي نهايت سولائي سان، ان کي کولي سگهجي ٿو.

[دروازي تي لکيل ڪتبو]

چاٿان ٿو. هائيڪو ڪڏهن مون لکيو ڪونہ آهي. ان ڪري سياويڪ، ان بابت ڪا اسٽيٽمنٽ جاري ڪرڻ جو ڪو آڌيڪار بہ مون کي نہ هجڻ گهرجي. ٽريجڊي هتي هي بہ آهي تہ، جن شاعرن هائيڪي جي فني گهرجن بابت اوڪَ ڊوڪَ سنڌي ادب ۾ انٽروڊيوس ڪئي آهي، ماڻَ ماپا مقرر ڪيا آهن. پڇان ٿو، انهن پاڻ بذات خود ڪيترو هائيڪي جي انهن فني گهرجن جي پُورٽتا ڪئي آهي؟ چاٽڻ گهرجي تہ، مون ناچيز کي اهڙا سوال اُپارڻ نہ گهرجن. چو پيو اُپاريان: والله عالم بِا الصواب!"

هائيڪو شاعري جي پورٽ بل جاپاني گهاڙيٽو ۽ سنڌ وارن شاعرن لاءِ وٽائن مليل نئون تحفو آهي (........ خاموش رهو، جنهن وقت تحفو کوليو وڃي.) هن صنف جو سٽاءُ ڏسو تہ، ٽن سٽن جي فريم ۾ فٽ، تاثر سان ٽمٽار: جهڙو مختصر نظم. مواد جي لحاظ کان منجهس سوچ جو ساگر بہ سمايل ۽ پيڙا جو ريگستان بہ. ٽن سٽن جي ٽرينگل ۾ پهرين ۽ ٽين سٽ هم قافيا هجڻ واري شرط جي پابندي (جاپان جي جديد هائيڪو نگارن وٽ بہ هاڻ ضروري ناهي رهي.) وزن لاءِ اسان وٽ سترهن ماترائون (۵.۷.۵) جو چڪر وِروڌ پڌايو ويو آهي ۽ چاٽڻ گهرجي تہ، جاپاني قائدي مطابق انهن ماترائون کي "سليبل" ۽ تنوير عباسي صاحب ان جو ترجمون اچار ڪيو آهي. سنڌ ۾ اِن فارميٽ تي ٽيڙو، تہ سٽا، عڪس، تصويرون ۽ هائيڪا لکجڻ ۾ اچن ٿا. اباڻي گهرجن مطابق، هائيڪو نرم، ڪومل ۽ ڏيمون لهجو، نفيس احساس، عڪس، منظر ۽ تاثر جي ڊيمانڊ ڪندو آهي. ۽ سهٽو سنو منو تاثر هائيڪي لاءِ انين، ضروري چاٽايو ويو آهي: جنين

تي هلندي، هائيڪي جي اِسٽاپ وٽ پهچي هُن ڪي بريڪ هڻڻو پيو آهي، هونئن بنيادي طور تي طارق، ناول، ڪهاڻي ۽ ناٽڪ جو ئي ماڻهو آهي، اِن ڪري نثر ۾ Complete ڳالھ ڪرڻ، خوبصورت تشبيهن استعارن ۽ اهڃاڻن ۾ پنهنجي اندر جي امبريلا جا رنگ ڏيکارڻ جي پريڪٽس، هُن وٽ اڳ ئي آهي. هُن ڪي صرف اِنهن ٽنهي صنفن جي لفٽ تان چڙهي، هائيڪي جي بُرج تي ٻيهي، پنهنجي هائيڪو نگار هجڻ جو بِگلُ وڄائڻو پيو آهي.

ٻَرُ پ ٻَرُ
ٻَرُ پ ٻَرُ

هي هائيڪا: اچانگ طارق جي هٿ ـ ريڪائن جي ٽارين تان جِهرڪين وانگر پڙڪو ڏيئي ٻاهر آڪاس ڏانهن اُڏاڻا آهن. هِنن هائيڪن جي تخليق جو تصور ڪندي مون کي ائين لڳي پيو، ڄڻ طارق اُنهن ۾ نئون جنم ورتو آهي. انهن هائيڪن مان اڪثر هائيڪا پڙهندي، مون پنهنجن اکين تي رنگين پَنيُن واري ٻاراڻي دوربين محسوس ڪئي آهي. جي ها! اُهائي دوربين، جنهن کي لوڏڻ سان پَل پَل نوان منظر اسڪرين تي ايندا ۽ موهيندا آهن. جيڪي منظر طارق هنن هائيڪن ۾ لفظن جي پروجيڪٽر تي اسان کي ڏيکاريا آهن. آس پاس هلندي گهمندي ڏسندا اسين به روز آهيون پر، انهن جي پُراسراريت ۽ حُسن ڏانهن ڌيان ويندو ئي ڪٿي آهي؟ طارق جن جن احساسن ۽ منظرن ۾ وئي هليو آهي، اُهي سڀ ڪجھ عام هوندي به ڪيڏا نه خاص لڳن ٿا. مثال طور، سنڌ ۾ صبح اُپرڻ جي منظر ۾ طارق کي ڪهڙا نه، انوکا انوکا هائيڪا نظر آيا آهن.

پکي لنويو لات
ٻارَ ڏِني جو هُونگڙي،
اچي ويس مات.

دري، ڪان ٻاهر
هر هر ٻِئي چُنهب سان
ٻَرَ سوني ڪَپر.

مکڻ چري پليٽ
ناشتي جي ميز تي
انڊا آمليٽ

چڏيو آهي، "ڪيوشي"۽- هائيڪي لاءِ، ڪهڙي نه خوبصورت Defination مقرر ڪئي آهي ته: "هائيڪو هڪ خاص موقعي يا هنڌ تي، هڪ خاص لمحي کي مُٺ ۾ جهلڻ جو نالو آهي." اگر اهو لمحو وَٽ ۾ نٿو اچي ته، هائيڪي جو سمورو تاثر زائل ٿيو وڃي..... ۽ اڪثر هائيڪن ۾ طارق کي جتي حُسن نظر آيو آهي. انهيءَ کي پنهنجن لفظن جي گرپ ۾ ڪاميابيءَ سان آٿي ڏيکاريو اٿس ۽ ائين ڪندي هُن "باشو" جي هن قول جو عملي تفسير پيش به ڪيو آهي ته: "ڪو به موضوع اهڙو ناهي جيڪو هائيڪي لاءِ نهڪندڙ نه هجي."

ڪنواريءَ بند اکيون
بند اکين ۾ خواب
پاڻيءَ هيٺ مَڇيُون

طارق کي ڪهاڻيون لکڻ لاءِ ڪنهن اتساهيو هوا؟ (رخسانه! ۽ رخسانه محض خيالي نالو ڪو ي) ناول، ڪنهن تحفي طور ڏنو (مس خ - خ به هڪ ڇوڪريءَ جي نالي جو پهريون اکر آهي.) هائيڪي لکڻ لاءِ هُن جي انسپريشن؟
هالار - (طارق کي تازو ڄاول پٽ)
مون کي الائي ڇو ويساهه آهي ته، هائيڪن ۾ طارق وٽ "ٻار" جو موضوع، هالار جي پيدائش سبب نروار ٿيو آهي. ٻار ۽ اُن سان وابسته مامرن بابت طارق جا لکيل هائيڪا مون کي هِن ڪتاب جا خوبصورت ترين هائيڪا محسوس ٿيا آهن.

ٻارُ سمهيل هو
پَر ۾ جاڳيس پني
ننيڙو رانديڪ

اولاد جي پيدائش کان پوءِ ماڻهو اچانگ حال مان نڪري مستقبل جي ڳڻتيءَ ۾ هليو ويندو آهي - ۽ اچانگ دور رس سوچن ۾ پنهجو پاڻ کي، پوڙهي ماڻهوءَ جي روپ ۾ ڏسڻ لڳندو آهي. طارق جي هائيڪن ۾ آيل پوڙهي ماڻهوءَ جو ذڪر خود هُن جو، پنهنجي باري ۾ به تصور ٿي سگهي ٿو. ساڳئي وقت اُن موضوع تي طارق جا هائيڪا، پڙهي اِهو به احساس اُڀري ٿو ته، مغربي معاشري وانگر اسان جي به جديد سماج ۾، پوڙهو ماڻهو اگنور ٿي رهيو آهي.

جُهور هيو ٻوڙهو
اينڊرُ وينڊرُ کي چئي
منهنجي ڳالهه ٻُڌو

هاٺي طارق جو هي هائيڪو ڏسو:

راڌ ٻري پئي
اڪيورم جي ڪنڊ ۾
مڇي تري پئي.

لفظي اُٿت ۾ هي هائيڪو ڪئلينڊر ۾ ڏيکاريل ڪنهن اسٽل فوٽوگراف وانگر آهي، ۽ زمان ماضيءَ ۾ وٺي وڃي تصوير ڏيکاري ٿو. هائيڪي جي Defination ۾ هڪ ڳالهه هي به ٻڌائي ويئي آهي ته: "ڪڏهن ڪڏهن اُن کي پڙهندڙ تي به ڇڏيو ويندو آهي ته هو خال پري." اوهين چاهيو ته هِن هائيڪي کي Enjoy ڪرڻ لاءِ اڪيون ٻوٽي تخيل کي چرپر ڏيئي، روشن اڪيورم، ۾ رنگين مڇيءَ جي ترڻ جو بيساخته انداز ڏسي مزو ماڻي سگهو ٿا.

اجازت هجي ته هِن مهاڳ ۾ هڪ ٻاهريون واقعو ٻڌايانوَ؟ ـ هڪ سرءَ جي ڏينهن "باشو" سندس ڏهن شاگردن مان هڪ سان، سارين جي پوک مان لنگهي رهيو هو. سندس ان شاگرد "ڪڪاڪو" ڳاڙهي پنپوري تي هائيڪو لکي باشو کي ڏيکاريو. اُهو هائيڪو هن ريت هو:

پنپوريءَ جا
پرَ ڪٽيو
ته ٿي پئي ڪاري مرچ ڦري

"ته" باشو چيو: "اِهو هائيڪو ناهي. تو پنپوريءَ کي ماري ڇڏيو. جي توکي هائيڪو لکڻو آهي ته، پنپوريءَ کي زندگي ڏي. ائين چئو ته":
ڪاري مرچ جي ڦريءَ کي

پرَ هڻو
ته ٿي پوي پنپوري

هڪڙي ڳوٺ وٽان،
ٽرين لنگهي تيزيء مان،
ٻارن هٿ ڏُوٽيان.

هي هائيڪو ائين به پرفيڪٽ آهي. پر هنڻ گهرجي ها:

ٻارن هٿ ڏُوٽيان،
ٽرين لنگهي تيزيء سان،
هڪڙي ڳوٺ وٽان.

هن هائيڪي جي Keyline آهي: ٻارن هٿ ڏوٽيان. ۽ ٻارن جي هٿ ڏوٽڻ واري اِها سٽ، هائيڪي جي پهرين سٽ هجڻ سان، ٻارن جي اِها معصوم حرڪت يڪدم سامهون اچي وڃي ها - ۽ نتيجي ۾ شايد باقي هائيڪي جو اِهو تاثر ايترو ڀرپور محسوس نه ٿئي ها. هائيڪي کي زور دار بنائڻ جي خيال سان، ابتي ٽيڪنڪ استعمال ڪرڻ ڪري، ان ۾ وڌيڪ تاثر پرڻ ۾ ، طارق بلڪل ڪامياب نظر اچي ٿو.

طارق ڪن هائيڪن ۾ سِلوموشن ٽيڪنڪ به واپرائي آهي. هن ٽيڪنڪ ۾ هائيڪي جو تاثر، ائين ڌيرج سان ذهن ۾ ڦهلجي ٿو، جئين ڍنڍ جي پاڻيء ۾ رنگ، دائرا دائرا ٿي پکڙجندو ڦهلجندو محسوس ٿيندو آهي.

اُونداهي گهٽي
چنڊ چڙهيو هوريان
ٿيندي وئي چِٽي

هن هائيڪي ۾ اوهان تصور جي کُليل دريء مان ڏٺو نه ته، ڪيڏي مزي مزي سان، مزي مزي سان چنڊ هوريان هوريان ڪڪرن مان نڪرندو، گهٽي جي مٿان اچي ٽِڪ ٻڌي بيهي، چوڌطرف روشنيون ئي روشنيون پکيڙڻ ٿو لڳي ...... ۽ اِهو سڀ ڪجهه ڪيڏو نه وڻندڙ ۽ خوبصورت محسوس ٿئي ٿو.
طارق جي هنن هائيڪن ۾ جيڪڏهن اوهان کي ڪا سونهن ڏسڻ لاء ۽ تصور ڪرڻ لاء ميسر ٿيني ٿي ته، اُن ۾ هڪ ته، طارق جي تخيل جو ڪرشمو ۽ ڪرتب آهي ۽ ٻيو سبب آهي سنڌي ٻوليء جي رنگارنگي جو، جنهن جي چاهه ۽ سهڪار سان هُن سنڌ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نم تان نور پيڙي
چاھہ مان ڏنو پٽي
اُڏندڙ پوپٽ کي.

[۽ جو اڻ ڳاڻي کي ڏسي ۽ اڻ ڏٺي کي ڳائي اهوئي بهترين شاعر آهي. ـ شيخ اياز]

عزيز وطن واسيو!

هِن ڪتاب ڪان پوءِ طارق جو پنهنجي همعصر شاعرن ۾ "لمبر" ڪائون وجي بيهندو.

خبر ناهي مون کي.

ها! جِتي طارق جي هنن هائيڪن جو سفر اَنت کي پهچندو اتان کان پوءِ هڪ نئون ڏينهن روشن ٿيندو، ۽ اُهو ڏينهن اَجا بہ وڌيڪ روشن هوندو. هن سموري عالم لاءِ بہ ۽ طارق عالم لاءِ بہ

١٦ـ١١ـ١٩٨٩ع
ريڊيو پاڪستان حيدرآباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com






# ”۽ مان هائيڪو لکان ٿو“

تاريخ ١٥-١٢-١٩٨٨ع جي صبح جو جاڳي، وهنجي سهنجي تيار ٿي، گهر جو مهڙ دروازو اکري، سامهون اَجگر جيڏي سپر هائي - وي ڏانهن ڏسان ٿو. مون کي هائي - وي تان ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ ”ڊي فوڪس“ نظر ٿي اچي. اوپر دور نهار ڪريان ٿو، ٻارنهن ميل پريان متانهين ٿي جڙيل هتان کان هميشه ڏنڌلو نظر ايندڙ حيدرآباد شهر جو لينڊاسڪيپ بلڪل دقُ ٿو لڳي. مان پهريان حيدرآباد شهر جي لينڊاسڪيپ تينهن پوءِ سپر هائي - وي تان گذرندڙ ٽريفڪ کي پهريان ڪاٻي پوءِ ساڄي اک کولي ڏسان ٿو ته ڳالهه پڌري ٿي پئي ٿي. منهنجي ساڄي اک نظر ايندڙ منظر اڻ چٽا ڏسڻ لڳي آهي. يقينن اڄ صبح کان اهو عمل شروع ٿيو آهي. پر مان پنهنجي هميشه واري روايتي لاپرواهي کي روا رکي، پنهنجي ساڄي اک سان اڻ چٽا عڪس ڏسندو، سنڌي ادبي بورڊ پهچي، مهراڻ آفيس ۾ اچي رسالي جا پروف ڏسڻ کي جُنبي ٿو وڃان. پروف ڏسندي مون کي سدائين پنهنجي امڙ جي جواني ياد ايندي آهي، جيڪا اسان جي ڳوٺ واري گهر آڳنڊ ۾ ٻانهون ڦلايل جهوني ٻير (جنهن جن سگهارن ٽارن مان هڪ تي منهنجي پاءُ قيس هڪ مضبوط ڪانيج به ٽاهيو هو) جي ڇانوَ هيٺان کٽ رکائي منهنجين ڇهن پيٽن مان ڪنهن نه ڪنهن کان وارن ۾ سيرون ڏيارائي سنهيون ڄيون ۽ جون ڪيرائيندي هئي. مان به ڪاڳرن جي مٿي ۾ قلم جي نب سان سيرون ڏيئي، مهربان ڪمپازيٽرس جون مضمونن، ڪهاڻين ۽ شاعري ۾ وڌل لفظن جون ڇڪون/ جون ڪيڻ لڳان ٿو. هونئن به هميشه مون کي پروفن ڏسڻ جو عمل بيحد ٿڪائيندڙ لڳيندو آهي، جيئن جون ڪيندڙ کي پنهنجو ڪم فضول، بيڪار ۽ ٿڪائيندڙ لڳندو هوندو. پر اڄ پروف ڏسندي منهنجن نيڻن ۾ لُڙڪ پرجي ٿا اچن. ۽ لڙڪن جي سبب سڀ لفظ پاڻ ۾ ملي، مس جا ڪارا چٽا ٺهي، ڪاڳرن تي پکڙجي وڃن ٿا. وقت گذرڻ سان گڏ منهنجي ساڄي اک کان جڙ منظر ناراض ٿي منهن موڙڻ ٿا لڳن. مان، ري چيڪپ لاءِ تاريخ ٢١ فيبروري تي لنڊن اُسهان ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهنجي نالي جا چڙا اسٽيڪر پنهنجين وائيڙين گاڏين تي چنبڙائي، اسان جا جوانڙا سمورو قانون، سمورا سگنل ٽوڙيو ٻلَ چرندا وتندا آهن. مان گاڏين تان نظرون هٽائي سردي ۾ تکو هلندو "مادام تسائو" جي فٽ پاٿ تان ٽپندو "هارلي اسٽريٽ" ڏانهن وڌان ٿو. جيڪٽ جي کيسي مان ڊاڪٽر جو اپائينمينٽ ڪارڊ ڪڍي سندس سُوٽ نمبر پڙهان ٿو. ڪارڊ واپس کيسي ۾ رکي برسات ۾ چپ چاپ پڄندڙ "هارلي اسٽريٽ" جي سوين سال قديم بلڊنگس جي دروازن تي اُپريل پتل جا نمبر پڙهندو وڌندو رهان ٿو. ١٥٢ هارلي اسٽريٽ، اهوئي منهنجو گهربل نمبر آهي. دروازو کولي ليفٽ ٽرن ڪري، وينل سيڪريٽري ڏانهن ڪارڊ وڌائي چوان ٿو: "آئي ايم مسٽر ائبرو (ابڙو) ٽو ڊي مائي ...... " وڌيڪ ڪجهه ڳالهايان، هوءَ چئي ٿي: "او، مسٽر ائبرو (ابڙو) مسٽر آر ڊينل از ويٽنگ فار يو آن سينڪنڊ فلور." ان کان اڳ جو هوءَ مون کي لفٽ جو رستو ڏيکارڻ هلي، مان سندس ٿينڪس ڪري لفٽ لاءِ نڪران ٿو. ته هوءَ چوي ٿي: "مسٽر ائبرو (ابڙو) ڊيو نو دي وي ؟" "يس آئي نو ويري ويل" ڪنڌ ورائي مرڪي چوان ٿو. ۽ هو جواب ۾ مرڪي چوي ٿي: "دئٽ از نائيس." لوهي ڄارين واري جهوني مگر بيحد مضبوط لفٽ ٻاهر وينل پنجويهن سالن جي نينگري، مون کي ڏسي بيهي، مرڪي چوي ٿي: "مي آئي هيلپ يو سر؟" مان چپ چاپ ڊاڪٽر جو اپائينميٽ ڪارڊ ڏانهنس وڌايان ٿو. هوءَ ڪارڊ هڪ نظر ڏسي واپس ڪري مرڪي چوي ٿي: "ڪم ان سر." ۽ لفٽ جا لوهي شيخن جا در کولي ٿي چڙهي. اسان سيڪنڊ فلور تي پهچون ٿا. لفٽ بيهڻ شرط هلڪي گهنٽي وڄائي ٿي. ڇوڪري در کولي ٿي، منهنجي نڪرڻ شرط ئي تقريباً پنجيتاليهه سال جو ڳوري جسم وارو ڊاڪٽر هٿ وڌائي چوي ٿو: "هلو مسٽر ائبرو (ابڙو) آئي ايم ڊاڪٽر آر ڊينل." ۽ مون کي اندر هلڻ لاءِ اشارو ڪري، اڳتي وڌي ڪمري جو در کولي ٿو چڙهي. اسان اندر اچي ڪرسين تي ويهي رهون ٿا. هو مون کان تقريبن پندرهن ويهه منٽ، منهنجي ساڄي اک جي باري ۾ انفرميشن وٺندو رهي ٿو. پوءِ ڪاٺ جي سهڻي پيتي مان هڪڙي بنان شيشن واري لوهي مگر نفيس عينڪ ڪڍي، مون کي پارائي تنهن جي خالي فريمن ۾ مختلف نمبر جا شيشا وجهي، ٻتيون اجهائي ڀريان هڪ اک، پوءِ ٻي اک بند ڪرائي، ڀريان پٽ ۾ لڳل آئيني ۾ نظر ايندڙ "الفا بيٽ" پڙهائڻ لڳي ٿو. ۽ مان هر شيشي بدلجڻ کان پوءِ ٻه ساڳئي ريت ساڄي اک سان اکر اڻ چٽا ئي ڏسندو رهان ٿو. ڊاڪٽر بلب آن ڪري، مون کي عينڪ لاهڻ لاءِ چوي ٿو، ۽ منهنجي اکين ۾ ڪجهه ڊراپس وجهي، ڪي لمحا اکيون پورڻ جي تاڪيد ڪري ٿو. پوءِ ڪنڊ ۾ رکيل هڪ دوربين جهڙي مشين جي هڪ طرف پاڻ ويهي، ٻي طرف مون کي ويهاري، منهنجي ڪاڏي کي هڪ بيضوي ڪانچي تي ڦٻائي رکڻ لاءِ چئي ٿو. ۽ دوربين جي شيشن تي هڪ طرف پاڻ اکيون رکي ٻئي طرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مورن اوچا ڳاٽ/٢٦

جهنگلي گلن جيان ڦٽي پون ٿا.

منهنجا محترم ۽ بيحد پيارا دوستو، ان ڪان اڳ جو منهنجن نيڻن ۽ ڪائنات جي وچ پر "ڪيٽرڪٽ" جو "آئرن ڪرٽين" اچي، مون لاءِ سڀ ڪجهه الوپ ڪري ڇڏي، مان هي هائيڪن جي ننڍڙي سوکڙي، توهان کي بيحد سک ۽ پيار مان آڇيان ٿو.

طارق عالم






www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي ويندي سِڄُ
تارن جو آڪاس ۾
ٻِڄُ ڇٽي ويو نڄُ

پره ڦٽيءَ جو
پٽائي جي آڳر ۾
ڪبوتر ڳُٽڪيو

ڪارونيار ڪڪر
اوندھ ـ چمڪيو وڄ ۾
هڪڙو تنها گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُليل روشندان
ميز تي ڪوتا اڻ پوري
دريءَ تي گلدان

پکي ڏنو پڙڪو
رهيو روشندانَ تي
پُرن جو ڪڙڪو

اونداهين گهٽي
چنڊ چڙهيو هوريان
ٽيندي وئي ڇٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانوري مُکَ ۾
ٻہ نيڻَ جرکن ٿا
ٽانڊا جين رَکَ ۾

ڏاڙهو گُلَ هُئا
پوپٽ جي پرن سان
ڇوريءَ ڳِلَ اُگهيا

پاڻي پيريل گلاسُ
جهرمر ڪرڻا جنهن ۾
چمڪي منهن اُماس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياري پٿر پَرِ
چَشمو سارو ڪِرڻا
ماٽِ هيو ڏيڏر

پيار جو اَنتُ نہ پَار
وهنجاريو گلن کي
برڪا جي ڦُهار

ٻَارُ ستلُ هو
پر مِ جاڳيس پي
ننڊڙو رانديڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪش آبشار
ڪريو پئي آڪاش تان
دونهو دونهو ڏار

ڳهاٽو هو جهنگل
گهوڙي پُڄ لوڏيو پي
چهڪي پي بُلبلُ

سنڌوءَ ڪنارو
ٻيڙيون، ٻارَ، مُهاڻيون
ٽمڪيو پي تارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڙهو ٽڪل هو
روڊ سمورو خالي هو
پويون پهر هو

ڌرتتي ٻه (هُو)
انب جي ٽارين ۾
ڪوئل جي ڪُوڪُو

ٻار جي روئڻ تي
ماءُ ننڊ مان جاڳي
رات جي هڪ وڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بتيلي اَڙَ
ڪنگ وتو پئي تڙڪو
واھ جي ڪَڙَ

تکو مينھنُ وسي
ٻارَ نچن پڌر تي
چپرُ سانتِ ٿمي

ڏانڊي وڻَ تاري
گلن وچ ياسي تي
سُندر ڪا ناري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دريءَ مان درشن
لئمپ جي ڏنڏلي روشني
عورتَ اَڌ روشن

پوڙهيءَ چاندي وار
سورج سامهون کوليا
ڪريو آبشار

گُهلي پورب واءُ
ٻالڪ پهرين وک تي
ڪيڏو مرڪي ماءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڙين جي اُڏام
نيري اَمبرَ تي چَڏي
ڪري گهري شام

وينگس نويل ڪنڊُ
پٽَ تي ڪريل لفافو
ڳل تي ڳوڙهن بندُ

ڳاڙهسري شام
مٿل گهوڙي جي مٿان
ڳُجهن جا هشام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُنَ بي ناڻ پَکي
ڪنول ڪوٽينءَ تي
چا ڳوليو جُهڪي

پردو هو اڇو
جنهن تي جهوميو پي
تنها هڪ پاڇو

قلعو هڪُ پڙيانگ
شاهي دروازي لاوارث
برج تي ويٺل ڪانگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳجهه اڏي وڻ تان
سجُ ويو پي ڏسڪندو
قبرستان پٽيان

نندڙو چيهو
سَرَ تان چا سوچي
اُمالَڪ اُڏيو

جهوٽي ڏنس چمي
لاٽَ شرم کان اوندهه جي
چادر تاڻي سمهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکي چري جھنگ
پٽيءَ مٿان جنھنجي
ويٺو آ ڪنگ

چاندي ڇِلُرَ پٽِ
پلو ڇليو پيي مهاڻيءَ
روشن ڏيئي وتِ

قلعو، جهريل ٽُلَ
ٽُلن جي پاڙن ۾ جهومن
ڳاڙها پيلا گُلَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئو پئي ٽمڪيو
ساري قبرستان ۾ هيڪل
ڪتبو پي چَمڪيو

ڳدري ڦاڪَ ڪٽيل
جنهن تي ويٺل چيلاٽو
ٻالڪ نيڻ ڪُتَلَ

تنهنجون سارون
سانجهي جو آڪاس ۾
ڪونجن قطارون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽُڪَرَ پيچي پوري
وڻ تي ويٺل جهرڪين کي
سڏيو پنهنجي پوڙهي

چنگهي پٽَ چڙهيو
ٻارن ٻڪرين سان ستيل
ويچارو ڇڪڙو

اڏامي ڳئو ڏول
واٽ ڪنارن تان
گم ٿيا جهنگلي قول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نانگُ ڪنيل ڪرُ
مرلي تي مدهوش جوڳي
گيڙو پٽڪي ورُ

مينهنُ جو وسيو
ٽينَ جي ڇتِ متان
جلترنگ وڳو

جهور هُيو پوڙهو
ايندڙ ويندڙ کي چئي
منهنجي ڳالهه ٻڌو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڙڪ هاري لَپ
زرد ٽشوءِ جي مٿان
ڇڏي وئي ڇَپ

ٽيڙن جي ٽِم ٽِم
سرد هوائن ۾ بيٺل
تنها وڻ گُم سُم

ڳل تي ترُ ڪارو
سانجهه سمي آڪاس ۾
ٽمڪي پيو تارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يتِ تان ماڪوڙِي
رستو ڳولي ٿي
چوڌاري ڊوڙِي

گرمي، گُهٽَ، قهر
مينهنَ پوڻَ کان اڳُ
ماڪوڙين کي پَرَ

هوا نچي پئي
سرينهن سُڪل ٽارَ تي
جهنجهٽين وڪِي پئي

رستا سڀ ويران
ڍاڳڻ جي سينڊ جان
ڪرفيو جي دوران

اولهه ڳاڙهو لال
جنهن تي جَهرڪي تنها
پِيلِي سورجَ ڍالَ

قلعي نيسر مان
پپرَ جو وڻ نسريل هو
سنهڙين تارين سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امبرَ تان آيو
ڪيڏا ڪوهہ ڪري
ڪِرڻو سورجَ جو

ڏاڍا مينهن وسيا
صبح سڪل تارين تي
قطره روشن ها

ٻالڪ خوف وچان
هيٺ نهاريو ڪڙڪي مان
بيٺلَ فوجي ڏانهن

روڊ ڪناري وڻ
گاڏين جا هارون هڻا
سامهون رِڍُن ڌڻ

مينهنُ پيو هِيلَ
چنڊ چڙهيو آڪاسِ
جرڪي وڻ تي ڊيلَ

ڍنڍَ ڪناري اُسريلُ
ٽڊڙن جهوٽن تي پائي
جهومي جهاتي ڳُلُ

چنڊُ ٻي چمڪيو
ڪائنس ٿورو لهوارو
تارو ٻي ٽمڪيو

چوهاري ٽِي مَڪِ
پوڙهيِ پٽُ ڦسائيِ ويٺي
چُلهہ اُجهاميل رَکَ

گوري گجرا، گجُ
گهگهيري جي گجَ ۾
ڪيئي سونا سجَ

ٻارُ روئي تو
ڪاوڙ ۾ اڇلايل جوڪر
کلي تو ڪيڏو

خالي آڳرَ ۾
پٽَ تي پيلو پنُ
سانت ياڪر ۾

آلا تي ويا پٽَ
آلي آڳر تي پيل
ٽيڏي سيڏي ڪَٽَ

دريَ ڪان ٻاهر
هر هر پئي چنهب سان
ٻَرَ سويا ڪِہر

وئي پي وينگس
تارين مان جو گُلَ ڇٽيا
رَنگَ سمورو گس

اُرهہ تُجُ ڀنل
عورتَ گهري ننڊَ ۾
پر ۾ ٻارُ سُتل

نمُ تان نوريئڙي
چاهَه مان ڏنو ٻي
اُڏندڙ پوپٽَ کي

ڳايو ٻي راڳي
هُو پيو گهري ننڊ
خواب پيس جاڳي

ساري رات رُنَلَ
صُبحَ لڳاسي نِيڻَ
مَاکَ مِ گُلَ پِنَلَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوٽو گوتم جو
ٻوڙهي ٻڙ هيٺان
ڏک تي مرڪي ٻيو

ڪيڏي واءُ هئي
لهرن جي ٻانهن تي
اونڌي ناءُ هئي

سانجهه لڙئيءَ جو
وِيندڙ ٻاڇي تي
وڻ نه وائڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سورجُ اُلهي ويو
پوپٽ پويان نينگرو
ٻُلجي ويو رستو

دريءَ مان آئي
سورجَ رنگَ ڀنيوري
چوڏس ياد سهائي

دري ۾ هو بيٺو
جهوٽي آندسُ پيلو پنُ
"ڀُرسو" موسمَ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تارن جو ميلو
ڏڻ ڳان وچڙيل پٽ تي
ٻيڪي تو ڇيلو

جهِرڪي ڪينَء اُڏري
ٻار شرارت مان جو
پَرَ ڇڏيس ڪتري

رات هئي سنسان
چانڊوڪي ۾ روشن هو
مسجد جو دالان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قدرت جو منڊُ
لهر لهر تلوار
ڀاڱا ڀاڱا چنڊُ

پيرن جا چا پا
رهيا ڪچي واٽَ تي
ماڻهو گهر پيڙا

هڪڙي ڳوٺَ وٽان
ٽرين لنگهي تيزي مان
ٻارن هَٿَ ڏوٽيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلڪو هلڪو هُلُ
ڊائننگ هالَ جي ڪُنڊَ
خالي هِڪَ ٽيبُل

سمنڊ ڪناري پام
اجري عورت ۽ ڪتو
سرءَ سانوري شام

پيچندي ڊڳڙي
ٻارَ ڏني آڪاسَ ۾
ڪاٽا تيل لغڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڊ ٻري پئي
اڪيوريم جي ڪنڊ ۾
مڇي تري پئي

پکي لنويو لاتِ
ٻارَ ڏني جو هونگڙي
اچي ويس ماتِ

ککري جي ڪنارَ
لهندڙ سورجَ ڇهري ٿي
وجهي ڇڏيا ڏارَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مکڻ، ڇري، پليٽ
ناشتي جي ميز تي
انڊا آمليٽ

هلي 'و يئي بجلي
روشنين جي شهر کي
اوندھ ڳهي وئي

مئلُ هو ماڙهون
ٻر ۾ جنهنجي ٻارڙي
ڪاڏو پي ڏاڙهون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لَهرُن گُلَ ڇٽيا
ٻيرُ ٻاجهہ منجهان هو
جهڪيلُ واهہ مٿان

ٻنڏڻ ٻڏل ٻار
ننڊ ۾ مرڪي پيو
ڪيس خبر نہ چارَ

ٽرانڪي ٻني بدڪ
هلِ اڏاٽين ٽارَ تان
ٻرن جا ڇهبڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻابو ھنني سيڻي
مائي ٻوڙي ٻارُ ڪنيو
رھجي ويس ٻيڻي

ٻوڙھو سڄو ڳگھر
نيڻن ۾ سومھٽي ٻاچا
ٻويان ڦھليل تر

ڇمر ٻيس ڇٽي
ڏسندي الہر اوچتو
ڪينپن بند ڪٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻارن رلي ملي
راند رهي ٻي پاڻ ۾
ٻوڙهو ۽ ٻلي

ڪارنس: پاڻي ٿانُ
ٻہ ڪبوتر ٽهن پِر
مٿان ليمي ڇانُ

”ٽين ٽين ٺُت“
ٽينهڙ ٻي ٻچا ڳوليا
”ٽوٻي هٿي ڦُٽَ“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنواريءَ بند اکيون
بند اکين ۾ خواب
ڀاڙيءَ هيٺ مڇيون

ٻارَ رنگَ پريا
پيلي ڀاڙيءَ جي مٿان
نيرا هنج ترِيا

ڪَچيءَ پٽ مٿان
جَمڪَ ورني نينگريءَ
تِرڪيا ٻني چيٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام سمي
پنڇي گم ٿيو
نيپ نيري ۾

وَڇايون تاڙيون
ٻارن مهاڻن جي
اُڏاَميون آڙيون

بوندَ ٻوڙَ ڪان اڳُ
گهر آڳُر مان ڪيچليون
نڪري آيون ڏڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳيرو ٻي ڳوڳهو
ٽنهن جي ريسَ تي اوچتو
ڪُتو ٻه ڀونڪيو

ٻالڪ ڦُيو ڏنگ
ٻاڻ ڇڏائي اُڏيو ڀوڻٽ
رهيو ڇهٽيءَ رنگ

ٻلٻن قطارون
ٻل تي اونڌي ٽرڪ
بيٺل ڪجهه ڪارون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهري تيندڙ شام
لُڏي پئي ديوار تي
چنبيليءَ جي لام

سمنڊ ڪناري تي
لهرن ڏي ويو ڏوڪيندو
پُنتي پير چڙهي

پوڙهو جاڳي پيو
ناسَ هٽي ننهنءَ ڪان پڇي
عطر ڪنهن مَکيو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانون ورتو ٽئو
بجلي تار تي ويٺي
مينھَن وسڻ ڪانپو

بلب روشن ھو
پتنگ اڏريو تنھن مٿان
ڪِرڙي جو حملو

گونگي ھٿَ لوڏيا
ڪيڏا اچ ھوا ۾
سرجيا ھائيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪناري تي گاهُ
جهومي لَهرُن ڏَنڊ ۾
ڪنول بي پرواهه

ظالم واچوڙو
نينگرِ ڪي گهيري
پَڇي ويسَ چوڙو

چِڙيو مَڏر رَباب
نچِٽي سَنڌُ ائين ڦٽڪن
جيئن مَڇي بي آب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امبر تارن ۾
ڏيئا جليا ڳوٺ جا
ڪَچن جارن ۾

ڳَجري هٿ ڪڙي
سورنهنَ سالين نينگري
پائي پي ٽِڙي

اُوچي پِٽَ متان
اَڪُ جهنجهيلُ قلڙيون
سج لهي پويان

مُنهنُ هنيل موتي
ماڻهوءَ ڳجهري سوچَ
وڪريل چوڏس ٻن

ڪوٺين جا چمڪاٽ
ڪارونجهر جي ڪورَ تي
مورن اوچا ڳاٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لنڊن جا هائيڪا

رنگن جو ردم
پڪاسو جي پينٽنگ آڏو
ماڻهو بيٺلَ گم

جهوميا هي ٽيولپ
ناريءَ نيڻ سُجيل
ڇپَ پڪوڙيل ڇپ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڪاڊلي سرڪس
ڪيوپڊ جي ڦوهاري هيٺان
ڪش هنيو وينگس

سنهون مينهن وسيو
ٿيمس جي ڪناري جوڙو
ڀڪن منجهه ڀُسيو

"سرپنٽائين ڍنڍَ"
ڍنڍَ ڪناري ڪرسيون
جن تي ڇهرا چنڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بڪنگھم پيلس
چونڪ اندر مجسما
جھڙا هرڪيولس

"اسڪوئر ٽرفالگر"
پوڙهيون، ٻار، جوانڙيون
ڳُلهن ڪبوتر

"ڪوينٽ گارڊن"
هرڪو پنهنجي موج ۾
ڇا هندو ڇا جارڊن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”قلو پيٽرا نيبدل“
سامهون ”سائوٿ“ بينڪ
وچ ۾ ٽيمس جل

اُجهي پرن بلب
نچڻي اُره هوا ۾
(سوهو) نائيٽ ڪلب

”ڪِنگس هيڊ پَبُ“
ٺهڪ، موسيقي، دونهو
سرورن ۾ سَڀُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنڊن انڊر گرائونڊ
ايسڪيليٽرس جي اچ وڃ
ٿهليل وائيلن ساؤنڊ

سامهون آ بگ بين
واٽرلو جي برج تان
ڳُذري برٽش ٽرين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪين: گل بهار باغائي



هوندينءَ اوسيتائين
جلندي رهندي سيني ۾
مشعل جيستائين

"مون کي چاهين تو؟"
هر چميءَ ڪان پوءِ بہ ڇوريءَ
ساڳيو سوال پُڇيو.

توکي تهڪ لڳا...؟
رات رنو هوس ڪمري ۾
منهنجا سُڏڪا ها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو ڪيئن مئو ...؟
ور ۾ تنهن جي خنجر هو
مون ڪان جنهن پُڇيو

بيشڪ مڙد مُئو
شهر سڄي ۾ چوڏس ڏاڍو
هُلُ هُلاچو هو

ڇڏ ڀلا مون کي
زال چيو سرهاڻن ۾
ٻارُ نہ جاڳي پئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيءُ نہ ڪوسو ڪُلُ
هير جيئان اوسهٽا سُپرن
هوريان هوريان گهُلُ

ڪالهہ تہ ڪونہ هيا
راتو رات ڪٿان هي جهنڊا
وڻ مان اُيري پيا ...؟

هلندينءَ رهندينءَ جي
هڪڙو ڏينهن اُهو بہ ايندو
پسندينءَ پنهونءَ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچا نہ مان مايوس
توڙي جو آ نگريءَ ۾
هيڏي ھڪر ھُوس

پَڪَ تہ شاعر ھو
لُڙڪُ لَڙيو جو ھُنَ جي ڳِلَ تان
تار مان ڳُلُ ڇَڻيو

جھڙا چُني چِٽَ
پيارا ھر ڪنھن جيوَ کي
پنھنجا پنھنجا مِٽَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيڏا اِحمَقَ آهن
اَنُ اپائڻ بدران
گوليون پيا ٺاهين

توں نہ روئجانءِ
مانِ وڃان هُنَ پار تہ
ڏُکَ نہ سوئجانءِ

اڄا بہ جاڳين پيو ...
ننڍڙڪي لهجي ۾ مون کان
منهنجي زال پڇيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙي نہ آهين تون
ڪيڏو توسان ڳالهايان تو
تنهنجي ساڳي (هُون)

"پري نہ مون کان ٿي"ءُ
ٻانهن ورائي ڇوري ڇيس
"تو ۾ منهنجو جي"ءُ

مون کي اُڃَ نہ آ
پنهنجي سيني ۾ او "موکي"
سمنڊ پريو پيو آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ ويس جو مان
رستن آکيو مُرڪندي
وڏو ٿي ويو آن

ڏيٺ نہ ڪائي ويٺ
بس منجهاران لهندي پوءِ چو
سِڪَ سُري پيئي نيٺ ...؟

ڪنهن سان سور سلي ...؟
هر ڪو پنهنجي آڳ ۾
پٿون پير جلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڪڙو هيئن نہ ٿيءُ
مڏ پريل آمتڪي ۾
ڏيري ڏيري پيءُ

اڪ مان لڙڪ وهيو
سُکَ جي واٽ پُنِي
ڏُکَ سان پيچ پيو

آس جي حد نہ ڪا
”منهنجو بابا بہ آئيندو،
هيڏا رانديڪا“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ يتائي آءُ
پنهنجن کهڙا کِيسَ کيا
تون بہ ڏس هي گهاءُ

دُکَ هيا ياري
يا ڳوڙها ڳورا ها
چپر چٽي ويا

سچا شاعر سي
جن جي لفظن سان سينن ۾
کوئي دُودُ دکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي ڪوڙ وڍيو
تو ڇو آڏو باس جي
ڪنڌ پئي ڏوڏيو

ٻيڙي سا ٻڏندي
وَسَ ڪان ٻاهر گوڏ ۾ ٻنهنجي
ماڻهون جي ڪٽندي

ٻَڪَ هُيو (ٻاهُو)
ساري وستي ۾ گونجي پي
الا الا (هُو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَندي کهڙي تاتِ
سورج نکري کٿي ٻُڏي
هُن لاءِ ساڳي راتِ

تارين چو نہ پيو
مالڪ پنهنجي ٻاجھ سان
ٻيڙو ٻُڏڙيءَ جو

کهڙي پوري وجان ...؟
مالڪ مون کي شکتي ڏي
تي کو مور پوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماٺهون غفا مثال
جنهن جيڏي زورَسان ڇئو
سا ٿَهڪائيندو ڳالھ

هر ڪا واٽ ٻُسي
بي وس نار جي نيڻ ڪان
ويا خواب رُسي

ڪافر پل سڏجان
هٿ ڦٽائي جوڙيون ٿم
سو ڇو ٻُتَ پَجان ...؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر ڪنهن پنهنجو راڳُ
ڪنهن کي ڇڻنگ ۽ ڳُلُ ياسي
ڪنهن کي ڳُلَ ۽ آڳ

چِرڪُ پَريو تو چو ...؟
مون تہ ائين ئي پيار ۾
ٻَاڪُر پاتو هو

شاعر سِٽَ اُها
چپن جي ٽارين تان اُڏري
جنهن سان هِڪڙي واهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَندو ڪونہ هئين
هيڏي روشن سورج هيٺان
پَرکِي ڪونہ سگهين

تو چو ائينءَ ڪيو ...؟
مون لاءِ ئي تنهنجي مَتِڪي ۾
پاڻي ڪونہ هُيو!؟

"جڏهن بہ ملندا هاسين"
لُڙڪن کي روڪيندي چئي تون:
"ڪيڏو کلندا هاسين ....؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي پُٽَ چيو:
ڪير هئي سا عورت، جنهن سان
ڳالهيو پئي تو ...؟

ڪهڙو پور پيُئي ...؟
ڪلندي ڪلندي سنجيدهہ ٿي
نالو ڪنهنجو ڪَنيُئي ...؟

ڪٿان بہ آٽي ڏي
ساڳي سِڪَ سوادي مون کي
هاٽي هاٽي ڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهه ٻڌايانءِ سَچُ
منهنجو تو ۾ چاهه نه آهي
ڪنهن ٻِيءَ لاءِ پَچُ

توکي ڪينءَ چوان ...
مون کي تنهنجا چَپَ وڻن ٿا
تن کي آءٌ چمان ...؟

جنهن ٿي هاڻ کي سيکي سمجهيو
اڄ ڪا ڳالهه ٻڌئي ....؟
تنهن جو ڏينهن ٻُڪني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هالار پبلشرس جا ايندڙ ڪتاب

1 زاهد دارا جيّ ائبسٽريڪٽ نظمن
جو مجموعو "مان تاريخ آهيان"

2- " تر جون لوڪ ڪهاڻيون" محمد
عثمان اديب

3-- "صبح " ( ناول) طارق عالم

4- " سجاڻپ جي ڳولا ۾" ( ڪهاڻين جو
مجموعو) طارق عالم

5-- سفر( سفرنامو) طارق عالم-
رضيہ طارق

6- جانورن ڪي دنيا (مجموعو)

سنڌي زبان جون اهم ڪهاڻين
جو اردو ترجمو
رضيہ طارق

هالار
پبلشرز
474 صدر حيدرآباد
سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu